ॐ

شري ستنام ساکي

انمرت وچن

۽

جيوني

ستگرو سوامي شري ماڌوداس مهراج

شري ستنام ساکي

انمبرت وچن

۽

جهوني

ستگرو سوامي شري ماڌوداس مهراج

لکندڙ ۽ گڏ ڪندڙ :

شريمتي لڪشمي ڪيسواڻي

جمناداس ڪيسواڻي

ڇپائيندڙ :

شري ماڌوداس ٽرسٽ

پريم پرڪاش آشرم آدرش نگر، اجمير

جلد ٢٠٠٠] حق واسطا قائم [دفعو ١

19 - 5 - 85

اوم شري ستنام ساکي



شري ١٠٠٨ پريم پرڪاش منڊلاچاري
ستگرو سوامي ٽيئونرام مهراج
ٽنڊو آدم سنڌ

ملڻ جو هنڌ :

پريم پرڪاش آشرم

آدرش نگر، اجمير



ڇپائيندڙ : شري ماڌو داس ٽرسٽ
پريم پرڪاش آشرم، آدرش نگر، اج

ڇپيندڙ : ڪنهيالال ڳرنا، سنڌو پرنٽنگ پريس
ڪيسر گنج، اجمير

اوم شري ستنام ساکي



ستگرو سوامي شري ماڌوداس مهراج

مختصر جيوني

ستگرو سوامي شري ماڌوداس مهراج

اوم شري گڻيشايه نمه

اوم شري گرو پرماتمي نمه

اوم شري سرسوتي ماتا ديوي نمه

اوم شري سرو انترجامي ڀڳوان نمه

شري ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ چيو آهي ته جڏهن ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي ۽ ڀڳتن تي ڀيڙ پوي ٿي تڏهن ڀڳوان خود ديهه ڌاري ڌرم جي رکشا ڪرڻ لاءِ گيان جو پرڪاش ڦهلائڻ لاءِ ڌرتيءَ تي جنم وٺي ٿو.

اهڙيءَ طرح سنت جن به ڀڳتن جي ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ انساني چولي ۾ اچي اگيان جي اوندهه کي هٽائي گيان جو پرڪاش ڦهلائي، لکن داسن کي ٿڌو چنبو هڻي آتم گيان روپي امرت پيارين ٿا.

سنت شرومڻي، برهم گياني، برهم نيشٺي پرم پوڄيه گرو مهراج سوامي ماڌوداس جن به ڀڳتن جي ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ ٿي ديو لوڪ مان اچي انساني ديهه ڌاري پريم جو امر پرڪاش ڦهلايو.

سوامي ٽيئون رام جن پڌاريا . سوامي ٽيئون رام جن
کي پرم پرڪاشي چوندا هئا. چاڪاڻ ته، سندن جو
سڀني ڌرمن، سڀني جاتين، سڀني ورنن ۽ آشرمن
سان پيار هوندو هو ۽ سڀ ڪنهن کي آدر سٽڪار سان
ڏسندا هئا ۽ سڀني سان پرم جو ورتاءُ ڪندا هئا.
تنهن ڪري سندن پرم پرڪاشي نالو پئجي ويو تنهن
ڪانسواءِ سوامي جن خود پرم پرڪاشي منڊل استاپت
ڪيو ۽ پاڻ انهيءَ منڊل جا آچاريه هئا جنهن ڪري
سوامي ٽيئون رام مهراج جن کي پرم پرڪاشي منڊلا
چاريه چوندا آهن. سوامي ٽيئون رام مهراج جن سنڌ
ديش جي حيدرآباد ضلع جي ڪنڊو نالي هڪ شهر ۾
سنبت ١٩٤٤ آکاڙ مهني جي ٤ تاريخ چنڊ تٿ ڇنڇر
ڏينهن جنم ورتو هو. سندن پتا جو نالو ڀڳت چيلارام
هو ۽ سندن ماتا جو نالو ماتا ڪرشناوتي ديوي هو.
بالڪ اوستا ڪنڊوءَ ۾ گذاري پوءِ ٽنڊي آدم شهر جي
ڏکڻ طرف واريءَ جي دڀ مٿان هڪ سندر استان
استاپت ڪيو، جنهن کي امراپور دربار ڪري چوندا
هئا. ان دربار جي چوطرف هڪ سندر باغيچو هو.
ان باغيچي ۾ هڪ سيتل ۽ مٺي جل جو کوهه هو جنهن
مان سڄي دربار ۽ باغيچي کي پاڻي ملندو هو. هي
امراپور دربار سڄيءَ سنڌ ۾ وڏي ۽ مهاسندر هئي.
سوامي جن سڄيءَ سنڌ جي شهر شهر ۾ رام نام ۽ سناتن

سوامي جن جو جنم سنبت ۱۹۷۰ عيسوي سن ۱۹۱۳ وساک مهيني جي ۱۹ تاريخ پنڊ ڳوٺ لعلڪي هالا ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو جنهن ذاتي صاحب گهيمل داسواڻي جي ڪل ۾ پتا صاحب مولچند اموتي جي گهر ماتا ديوي ٻائيءَ جي گرڀ مان پرڀات ڪال ۴ ٻجي ٿيو.

سوامي جن جي ڪنڊلي تمام سٺن گرهن ۾ هئي جنهن ڪري برهمڻن انهيءَ وقت ئي چيو ته هي ٻالڪ وڏو ودوان ۽ تمام داتيارو ٿيندو. سوامي جن کي سندن پتا پنجن سالن جي عمر ۾ اسڪول پڙهڻ لاءِ ويٺارو جتي هو هوشياريءَ سان علم پرائڻ لڳا. پر ٻالڪ لاءِ ٻهرين پاٺشالا گهر آهي جتي هو ماتا پتا روپي گروءَ کان گيان جو پهريون سبق پرائي ٿو. سوامي پريم جو پهريون پيالو گهر مان ئي پيتو. سندن پتا صاحب پريوءَ جا پيارا هئا. هو پرڀات ويلي اٿي ڀڄن ڳائيندا هئا. سندن ڪاڪو سيٺو مل پڻ ڏاڍو هري ڀڳت ۽ ستسنگي هو ۽ انهيءَ جو سوامي جن سان ڏاڍو پريم هوندو هو. هو کين هر روز پاڻ سان گڏ ستسنگ ۾ وٺي ويندا هئا. سوامي جن مٿان ستسنگ جو ڏاڍو گهرو اثر پيو جنهن ڪري سندن سڀاءُ تمام مٺو ۽ سيتل ٿي پيو.

انهن ڏينهن ۾ ان ڳوٺ ۾ پاڻ سان ستگرو مهراج

ڪري سگھندو ھو. ھن سنسار مان نڪري وڃي پرڀوءَ
جي چرڻن ۾ لڳو. ڪجھ ڏينھن ھو اِئين ئي گھر ۾
گذاريندا رھيا. پر ٿورن ڏينھن کانپوءِ گھر ڇڏي
ڳوٺ جي ٻاھران ھڪ وڻ تي چڙھي وڃي ويٺا. اُتي
ھو پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ ۾ ليِن ٿي ويندا ھئا. سنڌن
گھر وارا ھن کي کاڌو ڏيڻ جي بھاني وڻ تان ھيٺ
لاھڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا. پر جن جو من پرڀو
روپي امرت پي رھيو ھو انھن کي اُن بک جي
ڪھڙي پرواھ. آخر رات ٿيڻ تي سنڌن مائٽ ۽ ڳوٺ
وارا واپس ھلي ويندا ھئا. سنڌن سائين جن ھڪ پھر
رات گذرڻ کانپوءِ وڻ تان لھي ان جي ڀرسان راچورام
جي مڙھيءَ ۾ وڃي ٿوري دير آرام ڪري کوھ تان
اشنان ڪري امرت ويلي شري راڃورام کان گاڻن
ٻودنا جو منتر وٺندا ھئا ۽ اچو صبوح ٿيڻ کان اڳ ئي
ٻوڻ تي چڙھي ھري ڀڄن ۾ ليِن ٿي ويندا ھئا. اھو
سلسلو گھڻائي ڏينھن ھليو. آخر ۾ سوچيائون تہ ھيئن
روز روز پرڀوار جا ماڻھو ۽ ڳوٺ وارا پيا مونکي
ستايا موھ ڏاھن چڪيندا تنھن کان سٺو آھي تہ جنھن
درويش جو درشن مون ڪجھ ڏينھن اڳ ڪيو ھو ۽
اج تہ جنھن پرڀوءَ جو سمرڻ ڪريان ٿو تہ ان درويش
جو ئي ٿو روپ اکين اڳيان اچي، سو ڇو ڪين ان
جي چرڻن ۾ شرڻ وٺان.

ڌرم جو پرچار ڪندا هئا ۽ منڊلي وٺي رٽن ڪندا رهندا هئا. اهڙيءَ طرح سان پرچار ڪندا هڪ ڏينهن اچي ٻنڊ ڳوٺ ۾ پهتا. سو ٻالڪ ماڌو کي سندن چاچو ڀڳت سيڻومل وٺي آئي گروجن جي چرڻن ۾ پهتا. ٻالڪ اهڙي پورن گروءَ جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان وقت ئي من ۾ اهو سنڪلپ ڪيائين ته ان مها پرش کي پنهنجو گرو بڻائيندس ۽ سچي لگن سان ان ڏينهن کان وٺي پنهنجو من سنسار جي مايا موهه کان ويو ٽليندو ۽ پريوءَ سان تار ويو جوڙيندو.

سوامي جن هي اوتاري جنم ورتو ئي انهيءَ لاءِ ته هو سنسار جي ماڻهن کان نام جي ڪمائي ڪرائي سندن جيون سڦلو ڪري ۽ کين ڀوساگر مان پار لنگهائين. اهو مقصد ته کين پورو ڪرڻو ئي هو ۽ گيان جو ديپڪ ته جلائڻو هو ان کي صرف چٽنگ لڳڻ جي ضرورت هئي.

سچ پچ هاڻي ان چٽنگ لڳڻ جو سمو اچي پهتو جو سندن ماتا صاحب ديوي ٻائيءَ جو ويم ٿي رهيو هو. ان وقت ۾ سندن گهر ۾ هڪ نياڻي ٻولر ڪيا جنم ورتو جنهن جو نالو مولي ٻائي رکيو ويو. پر ماتا ديوي ٻائي جو ديهانت ٿي ويو. سوامي جن جو پنهنجي ماتا سان تمام سچو پيار هو. ان ڪري هن حادثي کي هو برداشت نه ڪري سگهيا. هن غم

۽ جيئن ته سوامي جن جي عمر ١١-١٢ سال هئي تنهن ڪري سندن ڏينهن لاءِ وديا پراپت ڪرڻ لاءِ ٻاهر ودوانن ڏانهن روانو ڪيو جتان هو سنسڪرت ڀرشن ۽ گيان وديا پراپت ڪري واپس پنهنجي گروءَ جي چرنن ۾ پهچي ويا. گرو مهراج هنن تي ڏاڍو ڀرشن ٿي روز جيڪي دربار تي ٿئي ويهلا ستسنگ ٿيندو هو اتي ٻين ششن سان گڏ ستسنگ ڪرائڻ ۽ پرچن ڏيڻ ۾ ماهر ٿيندا ويا. جڏهن گرو مهراج جن منڊلي وٺي ستسنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر ويندا هئا ته ان منڊليءَ ۾ سوامي جن کي به ضرور وٺي ويندا هئا. اهڙي طرح سڄي اتر ڀارت، هردوار، ڪاشي، ڪشمير، بنارس پنجاب ديش ۾ پرچن ڪرائيندا ۽ مندرن جو اڌار ڪرائيندا جڳهه جڳهه جي استانن جي مهما جو گيان ڪرائيندا ڪين ان وديا ۾ پرپورڻ ٿيندا رهيا.

واپس جڏهن امرپور استان تي پهتا تڏهن محسوس ڪيائون ته هاڻ ماڌوداس پورڻ ساڌ ٿي چڪو آهي انڪري هنن کي پنهنجي منزل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي استان تي موڪلڻ گهرجي جيئن سنسار جا ماڻهو سندن آتم گيان ۽ پرڪاش جو پورو پورو لاڀ وٺي سگهن. انڪري گروجن ماڌوداس جن کي ڀاڳ وند نهرائي اٿيا ڪئي ته اڃا تون حيدرآباد جو ٻالڪ آهين ۽ ان استان تي تنهنجي هن وقت ضرورت

اهو ويچار من ۾ ايندي ئي وطن ڏانهن پنڌ ڪرڻ شروع ڪيائون. منزلون هڻندا وڃي ٽنڊي آدم ۾ امراپور دربار لي سوامي ٽيئونرام جي چرڻن ۾ سيس نمائي گرومنتر جي پراٿنا ڪيائون. سو سائين ٽيئونرام جن سندن سچي پريم جي پريکشا وٺڻ لاءِ سندن کي دڙڪا ڏيئي گهر موٽي وڃڻ لاءِ چيو. پر آخر جڏهن سائين جن واپس موٽڻ کان نابري واري ويٺا تڏهن چيائون ته جيڪا ڪرت ڪار ٻيا شش ڪن سا وڃي ڪر. اهو ٻڌي سوامي جن ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ پاڻ گرو ڀڳتي ۽ آشرم جي سيوا ۾ تن من سان لڳي ويا ۽ رات جي وقت آشرم جي ٻاهران کڏا کوٽي ويهنا ڀڳتي ڪندا هئا. پر ٿورن ڏينهن کانپوءِ سچ پچ سندن پريوار وارا اُتي آشرم تي پهچي ويا ۽ سندن کي ڌمڪائي هيسائي واپس ٻنڌ ڳوٺ ۾ وٺي ويا.

جنهن هڪ ڀيرو نام روپي امرت جو آنند ماڻي ڏٺو تنهن جو من سنسار روپي کاري ساگر ۾ ڪيئن لڳندو. سو آخر ۾ وري ڳوٺ کي تياڳي اچي گرن جي شرڻ ورتائون. گرو کي به سندن سچي پريم ايمان جنهنجو پتو. جيئن هيري جي پرک جوهري ڪندو آهي تيئن گرو مهراج جن به سوامي جن ۾ آتم جوتي پرکي کين هميشه لاءِ پنهنجي چرڻن ۾ شرڻ ڏني ۽ نيم انوسار شش بڻائي کين نام جو دان ڏنو.

ستسنگ ۾ پڙو چون ٿيندا رهندا هئا ۽ سمي سمي لئي سوامي ٽيئونرام جن به اچي حيدرآباد واسين کي ستسنگ ۽ درشن جو لاڀ ڏيندا هئا. پر جيئن ته سوامي ٽيئونرام جن جو سوامي ماڌوداس جن کي وچن ڏنل هو ته آخر سمي ۾ مان توکان پورن شيوا گرو پيتا جي روپ ۾ وٺي توکي رٿ ڪان مڪت ڪنداسين. سو سمو اچي پهتو سنبت ١٩٩٩ جي پوش مهيني ۾. سوامي ٽيئونرام مهراج جن جو سواسٿيه ڪجهه بگڙيل هو اڪري حيدرآباد ۾ سوامي ماڌوداس جي دوار ۾ اچي ويا. پورو هڪ مهنو سوامي ٽيئونرام جن هر روز ستسنگ جو لاڀ امرت روپي وچن سان سڀني پريمين کي پياريندا رهيا.

پر ڏينهون ڏينهن پوءِ سندن طبيعت بگڙندي وئي. سوامي ماڌوداس جن تن من ۽ ڌن سان پنهنجي گروءَ جي پوري لگن سان شيوا ڪئي آخر ۾ هن سنسار جي يالرا هو پورو سمو جاڳي سنبت ١٩٩٦ جيٺ مهيني جي پوئين تاريخ جنت تٿ چوڏس جي ڏينهن سوامي ماڌوداس وٽ سوامي ٽيئونرام مهراج جن جوتي جوت سمايا جنهن ڪري سڀني پريم پرڪاش منڊل واري سنگت مهراج جن جي ورسيءَ جو سڀ اُنس سوامي ماڌوداس جن وٽ استاپت ڪيو. ان ڏينهن کان وٺي اڄ تائين پورڻ جيٺ کان وٺي چوڏهين جيٺ تائين هر

آهي. پوءِ لوڪي پورڻ ٿيان ڏٺي پرپڪ ڪيو آهي. انڪري لون هاڻي آئي وڃي منهنجي پڳڙيءَ تي ڪي وڏاءِ سنسار جي ماڻهن کان به نام جي ڪمائي ڪراءِ. اهو حڪم اسڏي پهرئون لئه ماڻو وانڙو ٿي ويو ۽ وڃڻ کان ڪيهاڻ لڳو. اڏهن گروءَ وٽن ڏنس ته ماڻو مان لوڪي پاڻ کان جدا ڪري ٿو ڪريان. پنهنجو انت سمو جان ٿو وقت اچي گذاريندس ۽ ٿوان گرو پڳڙيءَ جو پورو دان ونندس. ان وقت لوڪي منهنجي جيڪا به سيوا ڪرڻي هجي سا لون سيوا ڪري پنهنجو هرڪو سيتل ڪري گروءَ جي وڻ کان آجو ٿجانءِ.

گروءَ جو حڪم مڃي ٻور ڀائيندا ته مان حيدرآباد ۾ وڃي ڪٽي رهندس. منهنجي هڏڙ ۾ ته هڪ ڏرخت به ڪونهي جو ٻڪ لڳيم ته چڙا وٺي پاڻي پيان سو حيدرآباد ۾ وڃي ڇپا ڪندس. ڀر سنڌن هردي ۾ گرو پڳڙي ته ڪومت ڪومت پريل هئي انڪري گروءَ جي وشواس جي پڳڙي کي پڪڙيندا اچي حيدرآباد پهتا. سچ پچ ته سنڌن گرو سنڌن جو سڄو بندوبست اڳيئي ڪري ڇڏيو هو.

حيدرآباد شهر ۾ پهچڻ کانپوءِ گروءَ جي مهر سان سوامي جن قليلي روڊ تي زمين وٺي ان جي مٿان هڪ سندر آشرم جوڙايو جنهن نيم سان اچي ناڻم

پرسنگ سنگمرمر جي سندر مورتين ۾ اُڪريل آهن ۽
اهي رامائڻ جا سڀئي پرسنگ تلسي ڪرت رامائڻ
مان هنديءَ ۾ لکيل آهن جن جي ڏسڻ سان چند
گهڙين ۾ سڄي رامائڻ جو درشن ٿئي ٿو ۽ هردي ۾
اتون آنند پيدا ٿئي ٿو. ان مندر جي پرسان گر مندر
پڻ ٺهيل آهي جنهن مندر جي وچ ۾ گرو مهراج جن جي
وڏي تصوير استاپت ڪيل آهي ۽ چوڌاري گروءَ
جي سڄي جيوني تصويرن رستي چٽي ڪئي وئي
آهي ۽ ساڳئي وقت انهن تصويرن هيٺان گرو جي
جيوني ڪوِتا جي روپ ۾ لکي وئي آهي. مندر
کي ڏسندي ۽ ورتن پڙهندي ائين ٿو لڳي ڄڻ اڄ
به گرو اسانجي سامهون ساکيات پرگهٽ ٿي هر درشن
ڪندڙ ياتريءَ کي درشن ڏين ٿا. ان جي اڳيان هڪ
سندر گيتا ڀرد رشن ٺهيل آهي. جنهن جي وچ ۾ راڌا
ڪرشن جي سندر مورتي رکيل آهي ۽ چوڌاري گيتا
جا ١٨ ادياءِ سنسڪرت ۾ لکيل آهن. ان گيتا جو
پاٺ به هرڪو ياتري ٻن ڪلاڪن اندر پوري طرح
سان شانتيءَ سان ڪري سگهي ٿو. ان ڪانسواءِ هڪ
گرودواره پڻ ٺهيل آهي. ان گرودواري ۾ گرو گرنٿ
صاحب پورم پرڪاش گرنٿ ۽ رامائڻ رکيل آهن.
صبح سانجهه تي انهن گرنٿن جا اکنڊ پاٺ ٿيندا رهندا
آهن ۽ ڀوڳ لڳندا رهندا آهن. آشرم جي اندر هڪ

سال سنڌن جي ورسي ڏاڍي اُتساهه سان ملهائي ويندي آهي.

گروءَ جي جوتي جوت سمائڻ کان ٿورو عرصو پوءِ سنڌ ديش جو ورهاڱو ٿيو. سوامي ماڌوداس جن ٻه قابلي وارو پنهنجو آشرم ڇڏي هندستان ۾ پڌاريا ۽ ١٩٥٠ تائين اجمير بياور ٻڙودا ڪلڪتي ڪانپور لکنئو بمبئي الڳ الڳ شهرن ۾ رهندا آيا درٻارون لاهيندا ۽ انهن درٻارن جو ڪم پريمين کي سونپيندا آخر ۾ اجمير شهر جي ذڪر طرف آدرش نگر ۾ زمين وٺي پريم پرڪاش آشرم نالي هڪ سندر استان استاپن ڪيائون جنهن ۾ هڪ سندر عاليشان مندر ٺهرايائون جنهن مندر ۾ سوامي ٽيئونرام جن جي سنگمرمر جي سندر وڏي مورتي ٺهرائي ١٩٥٠ ۾ استاپن ڪيائون. جتي هر سال جيٺ مهني جي ٺهريل تاريخ کان چوٿين تاريخ تائين گرو مهراج جن جي ورسي وڏي اُتساهه ۽ ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن. ان ورسيءَ جي ميلي ۾ هندستان جي ٻاهر جا ۽ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ جا پريمي اچي ستسنگ جو لاڀ وٺندا آهن. سوامي ماڌوداس جن جي پريم پرڪاش آشرم آدرش نگر اجمير ۾ سوامي ٽيئونرام صاحب جن جي مندر کانسواءِ شري راماڻ پردرشن جو سندر مندر پڻ ٺهيل آهي جنهن ۾ سڄي راماڻ جا

سوامي ٽيئونرام جن جون ٻه وڏيون سنگمرمر جون مورتيون رکيل آهن. هن مندر جي اها خصوصيت آهي ته هتي چوويهن اوتارن جون سنگمرمر جون سندر مورتيون رکيل آهن ۽ ڀوڄ ۾ انهن جو پورو بيان ڏنل آهي. جنهن کي پڙهي سڀالن ڌرم لاءِ شرڌا وڌي ٿي. ٻيو مندر جي ساهمڻ گيتا پرورشن، گڻيش مندر، شواليه ۽ نون گرهن جون سنگمرمر جون مورتيون وڌن سهت رکيل آهن. انهن کانسواءِ هڪ وشال سڀا ڀون ۾ سنگمرمر جي سندر مورتن ۽ چوپاين سان رامائڻ جو وسترت ورنن ڪيو ويو آهي. جنهن جي درشن سان سمپورڻ رامائڻ جو گيان پراپت ٿئي ٿو. هتي ٻه ٻارن جي سک سوڀيا لاءِ ٻي سندر گيسٽ هائوس ٺهيل آهن ۽ سندر ٻغيچو پڻ لڳل آهي. سوامي جن ڏاڍي چاهه سان هي مندر پنهنجي جيون جي انت سمي تائين جوڙائيندا رهيا.

سندرتا وشالتا ۽ گيان جي ڪري اڄ هي مندر پشڪر راج ۾ ايندڙ هر ياتري سک ۽ شرڌا سان ڏسي آتمڪ آنند پائي ٿو. هن آشرم سوامي ماڌوداس، گرو مهراج سوامي ٽيئونرام جن ۽ سڀني سنتن جاءِ ڪري امر ڪري ڇڏيو آهي.

ان ڪارج جي هلندي هلندي ٿي اچانڪ سندن طبيعت اوچتي خراب ٿي پئي. سندن طبيعت خراب

سندر ھون ڪنھن بہ اُتيل آھي جتي ڏڻ وارن تي وڏي
سان ھون ڪيو ويندو آھي. ٻاڻ ڪان وڌيڪ ھو
پنھنجن شش ۽ اٿين کي ڏاڍي عزت ڀاءِ ڏيندا ھئا.
انھن جي سک سويڌا لاءِ آشرم ۾ بہ وڏا گيسٽ
ھائوس بہ ٺھرائي ڇڏيا ھئائون.

سوامي ماڌو داس جن ۾ گرو ڀڳتي ڪوٽان ڪوٽ
ڀريل ھئي. ھو چاھيندا ھئا تہ مان پنھنجي گرو مھا
جو يش دوران دور جيترو ڦھلائي سگھان اوترو ڦھلايان.
اھو سوچي اجمير جي ويجھو شري پشڪر راج تيرٿ
آھي جو سڀني تيرٿن جو گرو آھي ۽ سٽ ڀڳ جو پوڙ
تيرٿ آھي ھتي پدم ڪنڊ پنجن پانڊون جا ٻڌا آھن.
ان تيرٿ استان تي ھندستان جا ھزارين ماڻھو تہ ڇا
پر وديشي بہ ھزارن جي تعداد ۾ روزانو اشنان ڪرڻ
۽ تيرٿن جو درشن ڪرڻ ايندا آھن. سوامي جن بہ
سوچيو تہ اھڙي استان تي موڪي پنھنجي گرو جي
نشاني قائم ڪرڻ گھرجي. اھو سوچي سوامي جن
پشڪر راج تي تمام وڏو زمين جو ٽڪرو وٺي ان جي
مٿان پرم پرڪاش نالي ھڪ سندر ومٽيڪ استان
استاپت ڪيو جنھن جي وچ ۾ ھڪ سندر عاليشان وشال
سنگمرمر جو مندر ٺھيل آھي. مندر جي وچ ۾ سوامي
ٽيئونرام جن جي وشال پنل مورتي رکيل آھي جنھن
جھڙي سندر مورتي ورلي ھوندي. ٻنھي پاسن کان

سان جلوس کي گھمائيندا آخر ٻنڪر راج تيرٿ راج
مان ٿيندا واپس جلوس دربار ۾ پهتو. منجهند جو
٣ بجي اُتي ئي دربار ۾ چندن جي لڪڙين، ناريلن
۽ گيهه سان اگني سنسڪار ڪيو ويو. ٻه ڪلاڪ کن
ساڙه اگني تمام تيز روپ سان جلندي رهي چارون
طرف وايو منڊل ڏاڍو سڳنڌت ٿي ويو. سڀ ٻراهمڻ
اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندا واپس ورڻ لڳا ته اچانڪ
وري ٻي ليلا ڏيکاريائون ته ٻر ٻر ڪندا سڀ
لڪڙا دور هٽي ويا ۽ سوامي جن ساڪشات روپ ۾
سماڌي ۾ ويٺل للاٽ تي ترشول جو نشان ۽ هڪ هٿ
آشيرواد لاءِ کنيل پرگهٽ ٿيا. جڏهن اها خبر آگ وانگر
چارون طرف ڦهلجي وئي تڏهن ڀيلا ڪري ماڻهو
سندن درشن لاءِ موٽي آيا ۽ اها عجيب ليلا ڏسي
اچرج ۾ پئجي ويا.

چوٿين ڏينهن سوامي جن جي سمرتي سڀا ڪوٺائي
وئي جنهن ۾ هزارن ٻراهمڻ سوامي جي مورتيءَ تي
شردا جا گل چاڙهيا. ٻارهين ڏينهن وڏيءَ اوسار
هون يڳ ڪري برهم ڀوج ڪري سڀني براهمڻن کي
دل کولي دان ڏنو ويو. سڀني ٻراهمڻن لاءِ ڀنڊارو
ڪيو ويو.

ٻارهين ڪانوءَ ڪيترن ٻراهمڻن جي دل ۾ اها شنڪا
اٿي ته سوامي جن پنهنجي پٺيان ڪو چيلو نه ڪونه

ٽيرٿ جي خبر ديش وديش جتي ٻڌي، اُتان جي ٻراهمڻ جو ساگر اُمڙي اچي اجمير دربار ۾ پهتو. ٻه پاٺ اهڙي ليلا رچيائون جو سڀني ٻراهمڻ کي ڏاڍيءَ سٺيءَ طرح درشن ڏيئي سڀني جي من جون مرادون پوريون ڪري سڀني جون جهوليون ڀري ڪن جو دعائن سان ڪن جو پرسادن سان ڪن جي مٿان نام جي ورکا ڪري ۽ سڀني کي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانو ڪري تنهن ڪانپوءِ ١١ جون ١٩٨٤ منجهند جو ٤ بجي هي سنساري چولو ڇڏي اننت سماڌيءَ ۾ لين ٿي ويا. اها خبر جڏهن ٻراهمڻ لائين پهتي ته ڪيترا ٻراهمڻ جي اڃا گاڏين ۾ ئي هئا ۽ گهرن لائين به نه پهتا هئا، سي اُتان ئي واپس وريا. انهيءَ ڏينهن کان وٺي ٽن ڏينهن لائين سندن پارٿو شرير سندن بيٺڪ ۾ درشن لاءِ رکيو ويو هو جتي هزارن جي تعداد ۾ ٻراهمڻ ڏينهن رات درشن ڪندا رهيا. آخر ۾ ١٣ جون پورڻماسي ڏينهن سندن شوڪ ۾ سڄو اجمير بند رهيو. صبوح جو سندن دربار مان وڏو جلوس ڪڍيو ويو.

جڳهه جڳهه تي اجمير جي ٻراهمڻ سندن پارٿ شرير جي مٿان ڦولن جي ورکا ڪئي. ان وقت اجمير جا رستا ۽ گهٽيون ائين پئي لڳا ڄڻ ته انهن جي مٿان گلن جا غاليچا وڇايا ويا آهن. اجمير جي سڄي شهر

منگلا چرڻ

ست گرو سروپ کو، وندئون وارئون وار
جاس ڪرپا پئي گيان کي، پرگهٽي جوت اپار
ڪرئون وند گڻيش کو وگهن نند هرڻ جوءِ
ڏاس چرڻ کي وندسي، وگهن نه لاڳي ڪوءِ
شاردا مات وديا پرد، روپ گڻن کي کان
وندئون ڏاس چرن کو، ڪرئون رئن دن گان.

شبد - ۱ سر پيلو

مونکي پيارو تنهنجو وسيلو آ،
مونکي پيارو تنهنجو وسيلو آ.

۱- ڀو ڀو مايا تنهنجي ستائي
جيون کي ٿي ڦند ۾ ڦاسائي
مونکي تو بن ٻيو نا هيلو آ

۲- جگت جيڪي هيءُ ڏسان ٿو
پنهنجي اکين سان مان ته پسان ٿو
سو فاني ڪٽنب قبيلو آ

۳- ڀانو ڀانيا مانت مڙئي
سک ۾ سڀکي آهن سيڻي
هيءُ سڀ دنيا جو ٻيلو آ

۴- ماڌو ليي تون مهر ڪجانءِ
السع سمي ۾ سهاءِ ٿجانءِ
اهو ڏاسر تنهنجو ڏيلو آ.

ڇڏي ويا آهن. سو انهي تي عرض ڪيو اٿؤن ته
سوامي جن اوتاري پرش هئا. اوتاري پرش پنهنجي
پٺيان ڪوئي چيلو ڪونه ڇڏي ويندا آهن جيڪو
سندن گديءَ تي ويهي. هو ته هڪڙي راهه ڏيکاري
ويندا آهن جنهن راهه تي سندن سيوڪ هلي
سندن نالو هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيندا آهن. ڇا
ڪرشن ڀڳوان پنهنجي پٺيان ڪوئي چيلو ڇڏي ويو؟
ڇا رام پنهنجي پٺيان ڪوئي چيلو ڇڏي ويو؟ انهن
جي جوت ته اڄ ڏينهن تائين پرڪاشت آهي. ائين
سوامي جن به پنهنجي جوت هر پريميءَ جي دل
۾ پرڪاشت ڪري ويا آهن. انهيءَ ڪري ائين چوڻ
مان ئي هڪ درست ناهي ويٺي آهي جيڪا سندن
ڪارڻ کي ڏاڍي سٺي نموني سان هلائي رهي آهي
۽ هميشه هلائيندي رهندي. جيستائين پريم پرڪاش
منڊل قائم آهي تيستائين سوامي جن جو نالو به امر
رهندو.

٣- مان لاءِ ممتا موهه مٽائي
سچو گيان گروءَ جو ڏنائي
انهيءَ جي جوت جڳائي
سوهم جي سرڪي پيارڻان

٤- مان لاءِ ماڌو پاڻ پلٽيان
پنهنجي ڪل جو شان وڌايان
پنهنجي پت کي سچو بڻايان
سڀني ڪلن کي تارڻان.

شبد - ٢ سر مانجهه

هري شل هميشه سچو ڌيان ڏي ٿون
سدا شانت وارو سچو گيان ڏي ٿون

١- رهي لات تنهنجي ڏينهن رات دل ۾
سچي نام پنهنجي جو نيشان ڏي ٿون

٢- پسون پريو تنهنجي لاءِ صورت سدائين
سچي پريم وارو سو پروان ڏي ٿون

٣- سدا شام تنهنجي رهي پياس پريو
اسانکي لاءِ ايشور اهو دان ذي ٿون

٤- رهي ماڌو هري نام تنهنجو
سچو پريم پنهنجو لاءِ ڀگوان ڏي ٿون.

شبد - ٢ سر مانجهه

پيئر رام مک سان جيڪو اٿندي وهندي
سچي پريم سان سو جپيو هلندي چلندي
١- اٿڻ سان ڏنايو هلڻ سان هريءَ کي
وهڻ سان وري سو جپيو هسندي کاندي
٢- کلڻ ۾ خوشيءَ ۾ هريءَ کي ڏنايو
سچي شيام جو نانءُ جپيو کائيندي پيئندي
٣- کيو ٻاٽ کنهن سان نه، شيام سندر جي
پريم سان پرڀوءَ کي جپيو ونندي ڏيندي
٤- جپيو نانءُ ماڌو هميشه هريءَ جو
منو نالو من سان جپيو ڏسندي پسندي.

لولي شبد - ٣ سر پيلو ٺانگه

مان ٻنڌڙا لوکي ٻاليان
١- مان نه گيتا ڳيان سيکاري
مان نه ڌرم جي راهه ڏيکاري
مان نه پريم هندوري وهاري
سڀ دکڙا تنهنجا ٽاريان
٢- مان نه پريم جو اکر پاڙهي
هن لوک کان لاڙو لاڙي
سڀ جم جا کاغذ ڦاڙي
هي ليکا جم جا واريان

شبد – ٦ سر پهاڙي

مليا سنت سڄڻ ڀيٺر ڀاڳ، وڏي سان
آيا اگهڻ ٻڄوان ڀيٺر ڀاڳ، وڏي سان

١- جنم جنم جا ڄاڳيا ڀاڳ!
ڄاڳيا ڀطيہ پورڌان، ڀيٺر ڀاڳ وڏي سان

٢- پُرلم پُرانت ۽ هر ڀڳتيءَ جا!
پوري ڏنائون جام، ڀيٺر ڀاڳ، وڏي سان

٣- سڦل ٿئي سب شيوا پوڄا!
ٿئرا سب ڪلياڻ، ڀيٺر ڀاڳ وڏي سان

٤- من ميلي اڄ ماڌو مليا!
ڪري آيا احسان، ڀيٺر ڀاڳ، وڏي سان

شبد – ٧ سر پيلو

جت ڪت سنت رهن سوپارا
اهي وسندا رهن ڇوپارا

١- سنت جڳت جي سوپيا آهن
پاپين جا ٿا پاپ مٽائن
گيان ڪري گهڪارا

٢- سمس سدائين سيتل آهن
لن من جي ٿا تپت ٻجهائن
وسائي امرت ڌارا

شبد ٥ سر وهاڳ

امرت سمي پرڀات جو
اشنان پاڻي کر آئي
پريم سان پرڀوءَ سمرو تون
ڌيان دل ۾ ڌر آئي

١- اول ۾ ايشور اڳيان
کر پريم سان پرڻام تون
هٿ ٻڌي هر جي اڳيان
وڃي کر نيزاري در آئي

٢- پريم سان پرڀات ۾
کر ڪيرتن ڪرتار جو
تات سهڻي لات سان
هردي پنهنجي کي ٺر آئي

٣- امرت سمي ايش جو
نالو جپي تون نيم سان
نام جي رٽ لاڳ سان
پاپ پنهنجن کي هر آئي.

٤- ماڌو ڌيائي من سان
پرڀات ۾ پرڀوءَ کي
امر آدي آسيش جو تون
پائي پرڀو ڌُهر آئي.

شبد - ۹ سر ٽلنگ ڀيروي

ست نام ٿيندو اوسان ساٿي
من ڀڄه تون پرڀوءَ جي باڻي

۱- غافل ڇڏ غفلت هٽائي
من پنهنجي جو ممت مٽائي
تون تب ڌار گروءَ جي واڻي

۲- جو ڏيائي سو ڌيرج پائي
من پنهنجي جا پاپ مٽائي
اھا ويدن ڳالھه وکاڻي

۳- رام پنهنجي کي جي ياد ڪندين تون
اڱڻ پنهنجو آباد ڪندين تون
اهو ڄاڻ سچو تون ڄاڻي

۴- ماڌو کي گوبند جا ڳائي
رام پنهنجي کي روح ۾ رجهائي
تون ليءِ پرم جو پاڻي

شبد - ۱۰ سر کنپات

هندي وديا وڌائيندي
هندن جو شان ڀارت ۾

۱- هندي وديا سيکاري ٿي
ڌرم نيتي ڪرم ڪرما
هندي وديا ڏيندي سڀ کي
سچو سو گيان ڀارت ۾

٣- سنت جيون جا دک ڪٽن ٿا
پاپن جي سي پاڙ پٽن ٿا
جاڳي سرب پسارا
٤- ماڌو سڀ سان ملي هان ٿا
من چت چڱي چال چلن ٿا
رهي نپ جيان نيارا

شبد - ٨ سر تلنگ

جهالي اندر پاء پريتم
من هري سان ملاء پريتم
١- پس پريوء کي پاڻ پ ڌوري
کيڏيا ڪوري من کي موڙي
سڃي سرت هنداء پريتم
٢- پس پريوء کي پاڻ پ ڳولهي
اکيون کولي اندر ڦولي
انهو جوت جڳاء پريتم
٣- پنهنجي پاڻ پ پريو جاڻي
سهي سڃاڻي دم پڇاڻي
روح پ رام رجهاء پريتم
٤- ماڌو دل پ درشن پائي
من ملائي آنند پائي
انهد ناد وڄائي پريتم

٣- علم انسان جي اکيون کولي
وچن اڏولي مک سان بولي
شانتي پد ۾ سماءِ پريتم

٤- ماڻو علم سان بڻي انسان
نيڪ نشان پريم پرڌان
علم لئي عمل کماءِ پريتم

شبد - ١٢ سر تونڙي

مونکي علم پڙهڻ جو چاهه ناهي
مونکي من ۾ پريم جو گهاءُ آهي

١- نڪي علم سندو مونکي اير اچي
نڪي پڙهڻ پرجهڻ جو پير اچي
نڪي قلم هلائڻ جو ڦير اچي
مونکي رام سندو هڪ راءُ آهي

٢- مونکي شيام سندر جو پيار کپي
نڪي اکر علم جو آر کپي
نڪي گهر لوڙ ۽ هندوار کپي
مونکي تن ۾ پريم جو تاءُ آهي

٣- سچو علم پريم کي پائڻ جو
پکو پريم پريم سان لائڻ جو
پائي پريم لوڙ لڳائڻ جو
هي پاد کرڻو سڀاءُ آهي

٢- هندي پڙهو هندي سکو
هندي مک سان بوليو وائي
هندي وديا کندي سڀ جو
سڀو ڪلياڻ ڀارت ۾

٣- هندن جي آد کان آهي
سنسڪرت ۽ هندي وديا
هندي وديا کندي پيدا
سڀو سنتان ڀارت ۾

٤- هندي وديا پڙهو ماڻو
هندو جي پاڻ کي چاهيو
هندي وديا کندي سڀ جو
مٽي سومان ڀارت ۾

شبد - ١١ سر ڪالنگڙو

چاهه ڪري تون علم پراءِ
جڳ ۾ پنهنجو شان وڌاءِ

١- علم انسان کي ليک بڻائي
پاپ ڇڏائي ڌرم وڌائي
ودوان بڻاءِ پرانم

٢- علم انسان جو گيان وڌائي
مان وڌائي شان وڌائي
سچي ڏي ساڃاءِ پرانم

۴- سڀو ماڻهو سو واپار ڪيان
جنهن مان ڪوٽ جنم جا ڪشٽ ڪٽيان
هن لوڪ سکي پرلوڪ ٿيان
مولکي وٽج اهو نہ وڪار ڪجي

شبد - ۱۲ سر ڀيروي ٽلنگ

پيار لهڻو ٿئي سوائي
هن لوڪ پرلوڪ جو هامي

۱- پتي اٿئي پران آڌارو
ڪنهن نہ تنهن کي پاڻ کان نيارو
اٿئي پورن پد جو داني

۲- پتيءَ کي لون پريو جاڻي
من تن سان ڪج سيوا سهاڻي
اٿئي ملڪ سڀي جو مدامي

۳- پتيءَ کي شو شنڪر ڄاڻج
برهما وشنو روپ پڇاڻج
اٿئي انهو ديس آرامي

۴- پتي اٿئي پورن دالا
سک ڏک ۾ صيب هنڌ سهالا
ڪر ماڻهو تنهن کي نمامي

٤- آهي ماڌو ڀرڀر جو ڳهاڻ جنهن
آهي علم سندو ته سماڻ الهي
آهي دنيا جو ته پرلاءُ لنٿي
مونکي لنو لنو ۾ سچو لاءُ آهي

شبد - ١٣ سر توڙي

مونکي نام سندو ته واپار کپي
مونکي ٻيو نه ڪوئي وهنوار کپي

١- سچو نام سندو واپار آهي
جيڪو ڪوٽ جنم جا ڪشٽ لاهي
جنهن ۾ لاڀ گهڻو ڏک ڪو نه ناهي
مونکي سکن سندو هي سار کپي

٢- ڪڏي نام سندي ته هٽڙي کي
ٻوري ووڪ سندي ته ٽڪڙيءَ کي
وڃي پاءِ ٻرهم جي پڳڙيءَ کي
مونکي پرهم سندو پرچار کپي

٣- سچو نام سندو واپار وٺيان
جنهن مان نام سچي جي موڙي مٽيان
سو پاڙ لٿي اِين کي لٽايان
مونکي پڳڙيءَ جو ته پدار کپي

شبد - ١٥ سر وهاڳ

أٿ ناما تون ڪر وڃي
پوڄا سچي گهنشيام جي

١- دل ڏيئي تون ڪر وڃي
سيوا سچي ستنام جي
پاڻ ڪج اشنان پهرين
پوءِ ڪرائج ايش کي
پريم سان پوپوءِ اڳيان
ڏنڊوت ڪجان پرڻام جي

٢- صاف صندل تي وهاري
ٺاڪرن کي پريم سان
اگر چندن سان ڪجائين
آرتي سڪدام جي

٣- ڪبير ناهي ٺاڪرن کي
پريم سان پيارج وڃي
تلڪ عالها سان ڪجائين
ارچنا ايرام جي

٤- ماڌو اليئي مورتي
هي شيام گرڌر لعل جي
پريم سان پوڄا ڪجائين
نيم سان نشڪام جي

شعر

ايشور جو روپ هيءُ، تو لاءِ تنهنجو ڀرتار آ
ساکيات مورت شو جي، ڪارڻ سڀ ڪرتار آ
پتي برهما جاڻ تون، پيدا ڪندڙ پرپو سڀو
پتي وشنو روپ جاڻ، وشنوَ جو آڌار آ
پتي شنڪر ديو آ، هرتا ساري سنسار جو
پتي وياپڪ برهم روپ، وشنوَ جو رکوار آ
پتي ديون ديو ماڌو، پوڄا تنهن جي ڪر سدا
پتي رڌ سڌ ۽ رام ۽، موکيه سندو داتار آ

شعر

پتورتا ناري پڻائي، سرڳ تي سنسار کي
نار پنهنجي ڌرم سان ٿي، تاري ڪل پروار کي
پتورتا جي ڌرم ۾، شڪتي پرٻل آهي سچي
ڌرم جي ٻل سان هلائي، تيز ٿي تلوار کي
پتورتا ناري هلائي، پتيءَ کي سٺ ڪرم ڏي
پريم جي پرواهه سان، ٿي وڌائي سهچار کي
پتورتا پنهنجي ڌرم سان، ٿي پائي شڪتي سچي
نيم پوري ڪرم سان ٿي، شڌ رکي وهنوار کي
ماڌو پتيءَ جي پريم سان، ناري پائي سک سهاڳ جو
هن لوڪ ۽ پرلوڪ ۾، پائي جئه جئه ڪار کي

٢- پتا مولکي پريم سان
پارت کٿي پوڄا سندي
جي لئه پئندي کير هي
تان کندو ڪاوڙ هن بار سان

٣- مان کيان تو منت ٿريو
مڃ کٽي لون سيکه ۾
چا پلا وراڌو وري لاءِ سان
جهوڻي هن ٽڪرار سان

٤- انت ۾ ماڌو هاٿي
هي کيان تو ونتي
جي نا مڃيندي تان لاهيندس.
سر پنهنجو تلوار سان

شبد - ١٨ سر پيلو

هي ناٿ پارٿ ڪرتار
آهن عجب عجائب سي

١- ناٿ مشڪي ڪيو پڻ تا
ڪڏهن کن ۽ ڪڏهن هسن تا
کن پريم منجهان تنهن پيار

٢- ناٿ کيئي روپ بنائن
هار سنا ۽ گهٽا بنائن
کن سهڻي روپ اپار

شبد - ١٦ سر ڀيروي

ڪيان شيوا سڪ سان، مندر ۾ ٺاڪر جي
وڪي سڪ سچي مان، اندر ۾ ٺاڪر جي

١- وهاري وڏيءَ ٿي، سينگاري صندل ٿي
عطر جي ڇانٽيءَ سان، اندر ۾ ٺاڪر جي

٢- گلن ۽ ڦلن سان، مٺين ۽ مولين سان
چندن جي ٽلڪ سان، مندر ۾ ٺاڪر جي

٣- مکڻ ۽ ملائي، پوريون پيڙا ٺاهي
مصري ۽ ميون سان، مندر ۾ ٺاڪر جي

۴- پسان شال ماڻو، مندر ۾ هريءَ کي
سچي ڀوڄا پل پل، مندر ۾ ٺاڪر جي

شبد - ١٧ سر وهاڳڙو

هي هري ٿون ڪير لوڻو،
پيءُ مونجو پيار سان
گانءِ کپلا جو آنڊو مون
ڪير امرت ڌار سان

١- لونگ ڦوٽا ۽ باداميون
ورق سهڻا سون جا
سچا مولي ۽ سڳنڌي
ڪيسر جي پٽ لار سان

٢- انسان جاتي ۾ ٻه اڪثر ڪي ٻيان ٻٽيا ٻيڪار ۾
ڀڳي ڀشو ۽ ڀڪايل ٿا رهن آزار ۾
روزي ڏين والي والي سڀ کي ڀيار سان

٣- جي ٽٽا ماڏو ٻٽيا صاحب تنهنجي سار سان
راڪ ڏينهن تنکي تون پالين ٻريو پنهنجي پيار سان
پنهنجي ڏين عالي مالي سڀ کي پيار سان

شبد - ٢١ سر ڀيروي

هٿن سان هٿن سان هٿن سان ڪجان
سچي ڪا ڪمائي هٿن سان ڪجان

١- وچي گردواري تون گولو ٽٽي
رکي چاهه چت ۾ ٻه چاڪر اڄان

٢- ملي سنت سادو جي ڪوئي سٺي
ٻڌي ٻاڌون تنهن کي ٻيري پڄان

٣- ڪٻل جا ڪمائي ٻ- پنهنجي هڄي
ان اَن تنهن مان ٻڪين کي ڏجان

٤- آهي ماٻا ماڏو جا مالڪ ڏني
ڪري ٻه تنهن مان لون سار نڄان

شبد - ٢٢ سر تلنگ

ڪرتار سڌو هي پاٽو ، من دک سک سنگس ماٽي

١- ڪوئي راجا رٽ ڀل ڏاري ،
پل ۾ ٿئي سو ڀينو ڀکاري
والي منگدو در در داٽو

٣- ناڪر پرم سان مرلم پسائن
پاڻ پسائي وري ڇپائن
ڪن کيل ڪيئي ڪيلار

٤- ماڌو من جا مٺا آهن
سوڀيا ڌاري مٺا آهن
هي سرگڻ روپ سنڌار

شبد - ١٩ سر تلنگ

درشن ديو پساءِ پل ڪن ۾
١- درشن ڏي تون شيام مراري
دير نه ڪر تون بانڪا بهاري
من موهن آ گروڙ ڌاري
آهي آسانجي اکين ۾
٢- ماڌو من ۾ پياس پسڻ جي
من موهن تنهنجي مک ڏسڻ جي
دير ڇڏي ڪري سيگهه اچڻ جي
ساموهون بيهه آ سدن ۾

شبد - ٢٠ سر ضلعو

پريو تون پالين، سڀ کي پيار سان
١- جنا اُپايل خلق ساري، پريو هن سنسار ۾
سڀ کي روزي تو رسائين، جل ٿل پربت غار ۾
پنهنجي ڏين لعلي لعلي سڀ کي پيار سان

٤- ماڌو ڪر وهنوار لون
۽ پرمارٿ ٻئي پرڀو سان
چئو پل پل ۽ ڀڳوان ٻچا

شبد - ٢٣ سر ٽلنگ

وهنوار جالو مون مائي
سڀ سپنو جيئن رنائي

١- هي دنيا جو جونو الو
جيڪي پاڻ آهي پنهنجو جالو
ٿئي الٽ سڀي نه سهائي

٢- سنگ دنيا جو جونو آهي
ڪوئي شخص سان نيهه ناهي
هي جوني پريت لڳائي

٣- ڪنهنجي لاءِ مان ڪوڙ ڪمايان
پاپ ڪري پنهنجو جنم وڃايان
هتان سنگ نه هلندي پائي

٤- ماڌو من جو موهه هٽائي
پرڀو پڪو پرڀوءَ سان ڀائي
مونکي ڪرڻي عمر سڄائي

٢- ڪوئي ٻيهو ٻئي ٻنائون ٻال ۾
ڏيئي سو شاهن شاهه
وهي لخت ڏٺي لالڻو

٣- ڪوئي مورک مست ڦري ٿو
ڪوئي پنڊت روز رڙي ٿو
هي ڪرمن جو سڀ ڪاٽو

٤- ماڏو ٻاٽو آهي ڀاري
وچڙ سڀ ڪي، لڙ هڄي ناري
چاهي مورک هڄي سياٽو

شبد - ٢٣ سر وهاڳ

وهي دنيا ۾ ڏر ڏهشان اڇا
ساٿي آلم ٻد نروان اڇا

١- ڏن سان ڪر تون ڪار ٻنڙا
منڙو ملاء موهن سان
سچو سنڌن ڪان ون ڪيان اڇا

٢- جهاڻ دنيا کي تون سپنو
وهي ڏهن ۾ ليارو سدا
ميٽي من سنڌو ني گمان اڇا

٣- ڪر ويڪ سان وهدوار تون
ساء پرام سان پرڀوء کي
پس نار سچي جر ايشان اڇا

شبد – ٢٦ سر ڀيروي

وڃي ٿي وڃي ٿي وڃي ٿي هلي
حياتي هٿن مان وڃي ٿي هلي

١- آيا سارا سائين سي ڪاڏي ويا
اچا تون نه دل آ ڀاڄن ڪان پاي

٢- ڪنا ڪال ڪيئي سون لعل سي
سمجهي تون نه ڏونگي موت ٻلي

٣- ٻري ڪنب لوڪان ٻڇي ٻيو ٻڇي
ٻلا تو انهن جي چو ڏوري جهاي

٤- ڇڏ هٿ موت ماڏو نو مٿان
چيٽ جي سمجهي ٿي ڪا توکي ڳلي

شبد – ٢٧ سر پيلو

مونکي رهڻو خاص اڪيلو آهي
مونکي رهڻو خاص اڪيلو آهي

١- اڪيلو ويهي هر ڪي ڏيائي
شيام سندر جو درشن پائي
مونکي ڪرڻو وقت سهيلو آهي

٢- اڪيلو ساڻو سندس رهن ٿا
آلم يئد م پاڻا ٻهن ٿا
مونکي ملڻ سندر هي ويلو آهي

شبد - ٢٥ سر ضاحو

ڀڄن آ ڪرڻو ڪرڻو جوڀن جوانيءَ ۾

١- جوڀن ۾ جڳديش رچيو پيدا ڪرڻ سنسار جو
علم پڙهائڻ هنر پڙهائڻ ڪرڻ ڪم وهنوار جو
ڌرم ڪمائڻ ڪرم ڪمائڻ ڪرڻ پرلم پرچار جو
گيان پائڻ ڌيان پائڻ پائڻ سچي ڪرتار جو
چاڙهيءَ لئي چڙهڻو جوڀن جوانيءَ ۾

٢- جوڀن ۾ انسان ڏاهي پربت جي ٿو اومٽ ڪي
جوڀن ۾ انسان جهلي ترار جي تر چومٽ ڪي
جوڀن ۾ انسان پڪڙي شير هاٿيءَ مومٽ ڪي
جوڀن ۾ انسان ڪاٽي هڪرم جي ٿو ڪومٽ ڪي
موت سان لڙڻو لڙڻو جوڀن جوانيءَ ۾

٣- جوڀن ۾ وڻ ٿو جهلي ميوي گل ۽ ڦل ڪي
جوڀن ۾ درياهه ڏي لهرن جي نه اُڇل ڪي
جوڀن ۾ ٿو شير ماري هاٿين جي پڻ دل ڪي
جوڀن ۾ انسان جيتي چنچل من جي ڪل ڪي
جيتڙي آ مرڻو مرڻو جوڀن جوانيءَ ۾

٤- جوڀن ۾ جڳديش جو وڻهي ڪر وچار تون
نائيءَ ڪان پڻ نام جو ڪر اوم سان نه اُچار تون
جڳا سان هن جان جو ڪر ڪٿي نه ڏار تون
جي چون ٿا پد پرائون ماڌو لهه سوڀار تون
ساگر ۾ ترڻو ترڻو جوڀن جوانيءَ ۾

شبد - ٢٩ سر وهاڳ

جنهن ڪل ۾ پيدا ٿيو ڀڳت سچو ڀڳوان جو
سو ڪل سدا آباد آ سڀاڳ سنڌ سنتان جو

١- جنهن ۾ وسي ستنام جي
ڀڳتي سدا پرڀو ٿي
سو ڪل پنهنجي ۽ ڳام لئي
جهنڊو جهلائي شان جو

٢- امر پيالو پريم جو
پيتو پري جنهن پريم سان
سو پريم سان هردو
ٿيو ڪندو هر انسان جو

٣- جنهن ۾ وسي جوتي سچي
جڳديش جي جوتي سندي
تهن لعل جي لا، للات ۾
چمڪو رهي نيشان جو

٤- ماڌو مٺيان جنهن ۾ سچي
سو لعل ورلو لکن ۾
تنهنجي مٿان سڀڪو ڪري
قربان پنهنجي جان جو

۳- اڪيلو ايش آهي اڪل ڪان
ڌار ٿيو آهي جيءَ لڳل ڪان
مونکي ڪرڻو انهنسان ميلو آهي

۴- اڪيلو ماڌو ويهي اوم ۾
سرت لڳائي پنهنجي سوهم ۾
مونکي روح ڏنو اهو رهلو آهي

شبد - ۲۸ سر آسا

مان لئه پيتو پريم جو پاٽي
مونکي ڪاڻ وٺي پي واٽي

۱- پريم جو پيالو آهي نرالو
پيئڻ سان ٿيو من متوالو
منهنجي لنو لنو ۾ ٿي لاٽي

۲- نام نشي ۾ آ خاص خماري
پيئڻ سان ٿي دل هبڪاري
منهنجي سرتيون ساهه سيباٽي

۳- پريم پريوءَ جو دل ۾ آيو
هوش عقل جنهن شان گموايو
منهنجي دلڙي ٿي ته ديواني

۴- ماڌو من ۾ بات اهائي
پل پل آهي تات اهائي
منهنجي روئندي رات وهاڻي

٢- سرو وڻانڪ سرو سنهي
ساڪي روپ اَڏول
تنهنجو تو ۾ صاحب آهي
جهنگ جبل نا ڳول
٣- جنهن ڪارڻ تون جهنگ جهاڳين ٿو
سو آهي تنهنجو قول
وڻهي ونراڱي وڻ تنهنجي
ٻول ٻڌي ڪي ٻول
٤- دم دم سان جو دم هلي ٿو
تنهن ۾ رام رٽول
ماڌو مالڪ صاحب سوني
شانتي روپ اَڏول

شبد - ٣٢ سر ڀيروي

ٻري نهاري ڇو ٿو - ٻريو پنهنجو پار سڃاڻ
١- هي جو دم سان دم هلي ٿو
تنهن ۾ ٿيڻي اُهڃاڻ
سو ڄهي تنهن کي صاف سهي ڪر
صاحب تو هي ساڻ
٢- هي جو سهڻو جڳ ڏسين ٿو
سڀ چنڊ ۽ چانڊاڻ
سڀ جو سائين تون ئي آهين
ٻُرجهي ٻاڻ ٻچاڻ

شبد - ۳۰ سر تلنگ

جاڳ اٿي تون جاڳ مسافر
مارڳ تون پنهنجو ماڳ مسافر
۱- جاڳي رهه هوشيار بندا تون
ڇڏ گندا تون - ڪر مدا تون
پائي ووڪ ويراڳ مسافر
۲- همت آئين تون وٺج وهائڻ
سچ ڪمائڻ - ڌرم وڌائڻ
راهه سچيءَ سان لاڳ مسافر
۳- ڏسين جيڪي تو هي نظارو
پل ۾ سارو - ٿيندو اجارو
جاڻ گلن جو باغ مسافر
۴- ماڌو اوديا ننڊ نڀائي
ٿنهن مان جاڳي - ڪر ٿ سجاڳي
سنت مارڳ سهاڳ مسافر

شبد - ۳۱ سر ڀيروي

دل ۾ تنهي ديدار هريءَ جو
عين اندر جا کول
۱- هردم تو سان هري رهي ٿو
باهر نا تون ڦول
سهي سڄاڻج دم پنهنجي کي
جنهن جو مله اَمول

شبد - ٣٤ سر ڪليان

أگن جو روپ اڄ ڌاري
آيو گھنشام اڄ مُنهنجي
ڀلا اڄ ڀاڳ ٿيا مُنهنجا
آيو ستنام گھر مُنهنجي

١- لڳو آهي سهاڻو واءُ
ٻر ٻوءِ جي ٻير ٻاڻڻ جو
ڌريان مان پيٺ اڄ ڪهڙي
آيو سکدام گھر مُنهنجي

٢- رکيل آهي جو گھر ۾ ٻڻ
ڌرهان ٿو اڄ پيٺ سوٿي
ڪريان گھر ٻار قرباني
آيو نشڪام اڄ مُنهنجي

٣- ڏسڻ سان ٻڻ سرهائي ٿي
وڃا دک دوُر ٿي دل جا
چوُن جنهن کي منو موهن
آيو سو شيام اڄ مُنهنجي

٤- سدا درشن ديون کي ٻڻ
ملي جنهنجو ڪشالن سان
مايا ڌاري سو ٿي ماڌو
آيو أڀرام گھر مُنهنجي

